# رمضان

## سڌرڻ جو مهينو آهي

**07-March-2024**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)



7 مارچ، 2024ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# رمضان سڌرڻ جو مهينو آهي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... رمضان المبارڪ جو چنڊ ڏسڻ جي دعا
- ✿... تقويٰ هر ڀلائي جي اصل آهي
- ✿... روزي جي برڪت سان توبہ نصيب ٿي وئي
- ✿... رمضان مهيني ۾ گناهہ جو وبال
- ✿... گناهن کان بچڻ جا فائدا

پيشڪش
اَلمَدِيۡنَةُ العِلمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)
For Feedback: +92315 2692786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# رَمضانُ الْمبارڪ جي پهرين رات جو وظيفو

امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: جيڪو ٻانهو رمضان المبارڪ جي پهرين رات 2 رڪعت نماز پڙهي، هر رڪعت ۾ سورت فاتحہ کان پوءِ هڪ ڀيرو سورت فتح پڙهي ۽ سلام ڦيرڻ کان پوءِ 10 ڀيرا سورت قدر پڙهي، پوءِ رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي 10 ڀيرا درود پاڪ موڪلي تہ ان کي مرڻ کان پهريان 2 مان هڪ فضيلت نصيب ٿيندي: (1) يا تہ هُو خواب ۾ الله پاڪ جي ديدار جو شرف ماڻيندو (2) يا وري شبِ قدر حاصل ڪري وٺندو.[1]

| | |
|---|---|
| نامِ حضرت پہ لاکھ بَار دُرود | بے عَدد اور بے شُمار دُرود |
| ہم کو پڑھنا خدا نصیب کرے | دَم بدَم اور بَار بَار دُرود |
| کون جانے دُرود کی قیمت | ہے عجب دُرِّ شَاہوار دُرود |
| جو محِبّ نبی ہے اے کافیؔ! | چاہیے اس کو بار بار دُرود (2) |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1. سُلْوَةُ الْعَارِفين،باب فضيلة الصيام،جلد: 1،صفحہ: 263-

2. کافی کی نعت، صفحہ:38-

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سني نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، ۞نيت ڪيو! مثال طور نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير تي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ۞ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ۞ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، ۞هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# رمضان مهينو اچڻ وارو آهي

اي عاشقانِ رسول! رمضان مهينو اچي رهيو آهي.....!! سُبْحٰنَ الله! ماهِ غفران(يعني بخشش جو مهينو) ماهِ رحمٰن، ماهِ عظيمُ الشان اچي رهيو آهي.

| | |
|---|---|
| آیا رمضان آگیا رمضاں | واہ! کیا بات ماہِ رمضاں کی |
| جان رمضاں پر مِری قرباں | واہ! کیا بات ماہِ رمضاں کی |
| فضلِ ربّ سے پھر آگیا رمضاں | واہ! کیا بات ماہِ رمضاں کی |
| لوٹو رمضاں کا لوٹ لو فیضاں | واہ! کیا بات ماہِ رمضاں کی |

1...بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1-

# رمضان مهيني جا مختصر فضائل

چا اوهان کي خبر آهي رمضان المُبارڪ ڪيترو عظيم مهينو آهي...؟ جي ها! ❁ اهو مهينو اچي رهيو آهي، جنهن کي حديث پاڪ ۾ سيّدُ الشهور(تمام مهينن جو سردار) چيو ويو آهي[1] ❁ اهو مهينو اچي رهيو آهي جو ان جي پهرين رات کان ئي آسمان جا دروازا کوليا ويندا، پوءِ آخري رات تائين بند نہ ٿيندا. ❁ هن مهيني ۾ جيڪو هڪ سجدو ڪري، ان جي لاءِ 1500 سو نيڪيون لکيون وينديون آهن ۽ جنت ۾ سرخ ياقوت جو گهر ٺاهيو ويندو آهي❁ جيڪو رمضان جو پهريون روزو رکندو آهي، ان جا پويان گناهه معاف ڪيا ويندا آهن ❁ صبح کان شام تائين 70 هزار ملائڪ ان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا رهندا آهن❁ اهو مهينو اچي رهيو آهي، جنهن ۾ نفل جو ثواب فرض جي برابر ۽ فرض جو ثواب 70 ڀيرا وڌايو ويندو آهي.[2] ❁ رمضان المبارڪ جي پهرين رات الله پاڪ هن اُمّت تي نظرِ رحمت فرمائيندو آهي، ۽ جنهن تي الله پاڪ رحمت جي نظر فرمائي. ان کي ڪڏهن بہ عذاب نہ ڏيندو.[3] ❁ هن مبارڪ مهيني ۾ بخشش جا پروانا ورهايا ويندا، هر روز افطاري جي وقت 10 لک گنهگارن جي بخشش ڪئي ويندي ۽ جڏهن هن مبارڪ مهيني ۾ جمعي جو ڏينهن تشريف آڻيندو، پوءِ تہ ياڳ ئي کلي ويندا، حديث پاڪ جي مطابق رمضان المبارڪ ۾ جمعي جي رات ۽ جمعي جي ڏينهن (يعني جمعرات جو سج لهڻ کان وٺي جمعي جو سج لهڻ تائين) هرهر گهڙي ۾ 10، 10 لک ماڻهن جي مغفرت ڪئي ويندي آهي ۽ هي سڀئي مغفرت ماڻڻ وارا اهي آهن جن تي جهنم واجب ٿي

---

1 مصنف عبد الرزاق، كِتَاب الصيام،باب فضل الصيام،جلد:4،صفحہ:238، حديث:7924

2 صحيح ابنِ خزيمہ، كتاب الصيام، باب فضائل شہر رَمضَان ان صح الخبر،صفحہ: 438، حديث :1887-

3 شُعَبُ الْإِيْمَان، باب فى الصيام، جلد : 3، صفحہ : 303، حديث : 3603-

چڪو هو.[1]

ڪاش! رمضان جي مهيني ۾ مغفرت جي خيرات ماڻڻ وارن خوش نصيبن ۾ اسان جو به نالو شامل ٿي وڃي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

| | |
|---|---|
| گھر پر ہمارے رب کا مہمان آ گیا ہے | مولیٰ سے بخشوانے رَمضَان آ گیا ہے |
| رَحمت کے دَر کُھلے ہیں، شام و سَحَر کُھلے ہیں | قُربِ خدا کا لے کے سامان آ گیا ہے |
| لُطف و کَرم کے دَھارے، رَحمت کے یہ نَظارے | بندوں پہ اب خدا کا فیضان آ گیا ہے |
| دل کی کریں صفائی، مل جائے گی رہائی | کرنے ہماری مشکل آسان آ گیا ہے |
| ہرسُو خدا کی رَحمت، رَمضَان کی ہے برکت | اس ماہ میں تصدّق! قرآن آ گیا ہے |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نرالو ملائڪ ۽ 2 صندُوق

مِعراج شريف جي روايتن ۾ آهي، معراج جي گهوٽ، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم سِدۡرَۃُ الۡمُنۡتَھٰی جي ويجهو هڪ ملائڪ ڏٺو، پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا: لَمۡ اَرَ مِثۡلَہٗ يعني اهڙو نرالو ملائڪ مون ڪڏهن نہ ڏٺو هو، جڏهن هي تسبيح ڪندو هو تہ ان جي خوبصورت آواز سان عرش بہ جهومڻ لڳندو هو، مون جبريلِ اَمين عَلَيۡہِ السَّلَام کان پڇيو: اَیُّ خَلۡقٍ ھٰذَا يعني اي جبريل! هي ڪهڙي مخلوق آهي؟ عرض ڪيائين: هي هڪ ملائڪ آهي جيڪو حضرت آدم عَلَيۡہِ السَّلَام کان بہ هزار سال پهريان پيدا ڪيو ويو هو، مون پڇيو: ان کان پهريان هي ڪاٿي هو؟ عرض ڪيائين: الله پاڪ عرش جي هيٺان جنت ۾ هڪ جاءِ ناهي آهي، هي اُتي ئي هوندو آهي، اڄ هي اوهان جي ديدار جي لاءِ هتي حاضر ٿيو

1 مسند الفردوس،جلد:3، صفحہ:320،حديث:4960-

آهي. رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: مون ان ملائڪ کي سلام ڪيو پر اهو الله پاڪ جي تسبيح ۾ مصروف هو، ان کي سلام ٻڌڻ ۾ نه آيو. هاڻي جبريل اَمين عَلَيۡهِ السَّلَام ان کي چيو: هٰذَا مُحَمَّد يعني هي محبوب خدا، حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهن. جڏهن ان هي ٻڌو ته خوشي مان پنهنجا 2 ساوا پَر پکيڙيا، هي پر ايترا وڏا هئا، جو انهن آسمان ۽ زمين کي گهيري ورتو. هاڻي ان مون سان ڳلي ملڻ جي سعادت حاصل ڪئي ۽ اَدب سان چُمي به ڏنائون. پوءِ عرض ڪيائين: يارسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! **اوهان جي لاءِ خوشخبري آهي جو الله پاڪ ماهِ رمضان جي صدقي اوهان جي اُمَّت کي بخشي ڇڏيو آهي.**[1]

سُبۡحٰنَ الله! پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڌيڪ فرمايو: هن ملائڪ جي سامهون به صندوقون رکيل هيون، جن تي هزارين تالا لڳل هئا. مون پڇيو: انهن صندوقن ۾ ڇا آهي؟ ان ملائڪ عرض ڪيو: **هن صندوقن ۾ اوهان جي اُمَّت جي روزيدارن جي لاءِ جهنم کان آزادي جا پروانا آهن.**[2]

عاصیوں کی مغفرت کا لے کر آیا ہے پیام | جھوم جاؤ مجرمو! رَمضاں مہِ غفران ہے
بھائیو بہنو! کرو سب نیکیوں پر نیکیاں | پڑگئے دوزخ پہ تالے قید میں شیطان ہے[3]

## رَمضان جي اچڻ جون خوشخبريون

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا شان آهي ماهِ رمضان جي.....!! ۽ هن مبارڪ مهيني ۾ روزا رکڻ وارن جي به ڇا ته شان آهن. صحابيءِ رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي، رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان

---

1. سُلْوَةُ الْعَارِفين،باب فضيلة الصيام،جلد: 1،صفحہ: 267ملتقطًا۔
2. سُلْوَةُ الْعَارِفين،باب فضيلة الصيام،جلد: 1،صفحہ: 268ملتقطًا۔
3. وسائلِ بخشش، صفحہ:706-

صَلَّى اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن الله پاڪ زمين و آسمان کي ڳالهه ڪرڻ جي اجازت عطا فرمائي ڇڏي تہ رَمضان جي روزيدار کي جنت جي خوشخبري ٻڌائن.[1]

## رمضان المبارڪ جو چنڊ ڏسڻ جي دعا

سُبۡحٰنَ الله! الله پاڪ اسان کي قدر نصيب فرمائي. ❁ هي پيارو پيارو❁ رحمتن وارو ❁ عظمتن وارو ❁ مغفرت وارو مهينو تشريف ڪٽي اچي رهيو آهي.

❁ خوب خوشيون ملهايو! ❁ جڏهن شان وارو مهينو اچي تہ هڪٻئي کي مبارڪباد ڏيو! ❁ رمضان جي مهيني جو پرپور طريقي سان استقبال ڪيو!

❁ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رمضان جو پرپور استقبال ڪندا هئا، جڏهن چنڊ نظر ايندو هو تہ قبلي جي طرف منهن ڪري هيئن دعا گهرندا هئا:

اَللّٰهُمَّ اَهِلَّهٗ عَلَيۡنَا بِالۡاَمۡنِ وَالۡاَمَانَةِ وَالسَّلَامَةِ وَالۡعَافِيَةِ الۡمُجَلِّلَةِ وَدِفَاعِ الۡاَسۡقَامِ وَالۡعَوۡنِ عَلَى الصَّلاةِ وَالصِّيَامِ وَالۡقِيَامِ وَتِلَاوَةِ الۡقُرۡآنِ، اَللّٰهُمَّ سَلِّمۡنَا لِرَمَضَان وَسَلِّمۡهُ مِنَّا حَتّٰى يَنۡقَضِيَ وَقَدۡ غَفَرۡتَ لَنَا وَرَحِمۡتَنَا وَعَفَوۡتَ عَنَّا

ترجمو: اي الله پاڪ! هن چنڊ کي اسان تي امن واماں، سلامتي، مڪمل عافيت ۽ بيمارين کان حفاظت جو ذريعو بڻاءِ ۽ نماز، روزن، عبادت ۽ تلاوتِ قرآن تي مدد جو سبب بڻاءِ. اي ربِّ ڪريم! اسان کي رمضان جي ڪري سلامتي عطا فرماءِ يعني ان کي اسان جي لاءِ سلامتي وارو بڻاءِ ۽ ان کي اسان جي طرفان سلامتي عطا فرماءِ ايستائين جو جڏهن هي(رمضان) رخصت ٿئي تہ تنهنجي مغفرت ۽ رحمت ۽ عفو و درگذر اسان جو يقيني مقدّر بڻجي چڪو هجي.[2]

---

1. تاريخِ مدينہ دمشق،جلد:73،صفحہ:267-

2. كَنۡزُ الۡعُمَّال،كتاب الصوم،فصل فى فضله و فضل رَمضَان،جلد4،جز:8،صفحہ:270،حديث: 24286-

## ڪاش ! اسان رمضان تائين پهچي سگهون

اي عاشقانِ رسول! اسان جي قسمت جو تارو بہ چمڪڻ وارو آهي، ڪجھ ئي ڏينهن ڪان بعد اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ماهِ رمضان جو چنڊ نظر اچي ويندو، الله پاڪ چاهيو تہ اسان هن سال بہ ماهِ رمضان جون مُقدس گھڙيون ڏسڻ، ماهِ رمضان جي بابرڪت گھڙين ۾ ساھ کڻڻ جي سعادت ماڻينداسين. الله پاڪ اسان کي ان جي توفيق بخشي، موت جو تہ ڪو ڀروسو ناهي، خبر ناهي ايندڙ ساھ بہ کڻي سگھنداسين يا نہ، ڪيترا ئي اهڙا هوندا جيڪي گذريل سال تہ رمضان مهيني ۾ اسان سان گڏ هئا، پر اهي هن سال ناهن، الله ڪري اسان کي ايتري مهلت نصيب ٿئي ۽ اسان خير ۽ عافيت سان ماهِ سبحان، ماهِ نزولِ قرآن، پياري پياري مهيني، ماهِ رمضان تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

میں رمضانُ المبارک پاؤں، روزے سارے رکھ پاؤں
تُو رکھ زندہ سلامت، ماہِ رمضان آنے والا ہے
اِلٰہی عافیت دینا،سلامت دِل عطا کرنا
عطا کر دے تُو صِحَّت، ماہِ رمضان آنے والا ہے (1)

## هڪ اهم وضاحت!

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ يقيناً نهايت برڪتن وارو مهينو آهي، هن مبارڪ مهيني جي آمد تي خوشخبريون ڏيڻ، ماڻهن کي مبارڪ باد ڏيڻ بہ چڱو ڪم آهي، هن نيڪ ڪم تي ثواب ملڻ جي اُميد بہ ڪري سگھجي ٿي، هي بہ ممڪن آهي تہ اسان آمدِ رمضان جي خوشي ملهايون تہ الله پاڪ جي

---

1. وسائلِ فِردَوس ،صفحہ:25 بتقديم و تاخير-

رحمت جُوش ۾ اچي وڃي ۽ انهيءَ هڪ نيڪي جي برڪت سان جنت جا حَقدار بڻجي وڃون. البتہ! هتي هڪ ٿوري احتياط جي ضرورت آهي. اسان وٽ رمضان المبارڪ جي آمد هجي يا ربيع الاول شريف تشريف ڪٽي اچي تہ عام طور هڪ ميسيج سوشل ميڊيا جي ذريعي گردش ڪرڻ لڳندو آهي، جنهن ۾ لکيل هوندو آهي، : **”حديث پاڪ ۾ آهي تہ جنهن سيني کان پهريان آمد رمضان جي مبارڪ ڏني، ان جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي آهي.“**

اهڙي ڪابہ حديث پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ثابت ناهي. نہ رمضان المبارڪ جي باري ۾، نہ ئي ڪنهن ٻي مهيني جي باري آهي. تنهنڪري اهڙي ڪوڙ تي ٻڌل ميسيجن کي اڳتي وڌائڻ کان بچو ۽ جيڪو اوهان کي اهڙو ميسيج موڪلي، ان کي پيار محبت سان، حڪمت عملي سان نيڪي جي دعوت بہ ضرور ڏيو! بلڪ ٿي سگهي تہ اهڙين ڳالهين جو ڀرپور ردّ ڪرڻ گهرجي. **حديث پاڪ ۾ آهي**: اسان جي نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ كَذَبَ عَلَيَّ مُتَعَمِّدًا فَلْيَتَبَوَّأْ مَقْعَدَهُ مِنَ النَّار جنهن مون تي ڄاڻي واڻي ڪوڙ هنيو(مثلاً حضورصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کا ڳالهہ فرمائي نہ هئي ۽ ڪنهن چئي ڇڏيو تہ هي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حديث آهي) تہ اهڙو انسان پنهنجو ٺڪاڻو جهنم بڻائي ڇڏي.[1]

الله اڪبر! الله پاڪ اسان کي محتاط بڻائي ۽ خصوصاً دين ۾ بي احتياطي کان محفوظ فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

عَجِّلْ عَجِّلْ يَارَمضَان | جان مِری تجھ پر قربان
آ بھی جا ماہِ سُبحٰن | جلدی جلدی آ رَمضَان
جب بھی آتا ہے رَمضَان | جان میں آجاتی ہے جان

1 بخاری،کتاب العلم،باب اثم من کذب علی النبی،صفحہ:103،حدیث:110-

| | |
|---|---|
| خوب ہے رمضاں کی بھی شان | اِس میں اُترا ہے قرآن |
| مجھ کو مدینے میں رَمضَان | کاش! میسر ہو رحمٰن |
| آجا آ بھی جا رَمضَان | تجھ پہ فِدا عطّارؔ کی جان |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# رمضان المبارڪ سُڌرڻ جو مهينو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڳالھ هميشہ ياد رکو! ماهِ رمضان سڌرڻ جو مهينو آهي، پنهنجي ظاهر ۽ باطن کي پاڪ ڪرڻ جو مهينو آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۱۸۳﴾

(سيپارو: 2، سورة بقرة: 183)

ترجمو ڪنز العرفان: اي ايمان وارؤ! توهان تي روزا فرض ڪيا ويا جيئن توهان کان اڳين ماڻهن تي فرض ڪيا ويا تہ جيئن توهان پرهيزگار بڻجي وڃو.

هن آيتِ ڪريمہ ۾ روزي جي جيڪا اعليٰ ترين حڪمت ۽ تمام گهڻو جيڪو فائدو ٻڌايو ويو، اهو هي آهي:

لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۱۸۳﴾ ترجمو ڪنز العرفان: تہ جيئن توهان پرهيزگار بڻجي وڃو.

يعني اي مسلمانو! توهان تي روزا فرض ڪيا وڃن ٿا، توهان ان تي ڪاربند رهو(يعني پابندي سان روزا رکندا رهو) تہ جيئن توهان کي تقويٰ ۽ پرهيزگاري ملي.[1]

خبر پئي تہ ماهِ رمضان اهو مبارڪ مهينو آهي، جنهن ۾ روزا رکيا ويندا آهن ۽ انهن روزن جي برڪت سان اسان کي تقويٰ نصيب ٿيندو آهي.

1 تفسير نعيمى، پاره:2، سورهٔ بقره، زيرِ آيت:183، جلد:2، صفحه:212 بتغير قليل-

# تقويٰ هر ڀلائي جي اصل آهي

تقويٰ(پرهيزگاري) تمام وڏي دولت آهي. حضرت ابوسعيد خدري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي، رسول اکرم، نور مُجَسَّم صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ صحابي کي نصيحت ڪندي فرمايو: عَلَيْكَ بِتَقْوَى اللّٰهِ فَاِنَّهُ جِمَاعُ كُلِّ خَيْرٍ توهان تي تقويٰ لازم آهي جو بيشڪ تقويٰ تمام ڀلائين جو مجموعو آهي.[1]

حُجَّةُ الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اي عزيز! توکي خبر هجڻ گهرجي ته تقويٰ هڪ ناياب خزانو آهي، جيڪڏهن توهان هن خزاني کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ته توهان تمام وڏي ڪاميابي حاصل ڪري وٺندا، ايئن سمجهو ته دنيا ۽ آخرت جون تمام ڀلايون تقويٰ ۾ جمع **ڪيون ويون آهن.**[2]

ڏسو! ڪيتري وڏي فضيلت آهي..!! دنيا ۽ آخرت جون تمام ڀلايون تقويٰ ۾ جمع ڪيون ويون آهن ۽ روزو اها عبادت آهي جنهن جي برڪت سان تقويٰ نصيب ٿيندي آهي. ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي ته روزو اعليٰ ترين عبادت آهي، جنهن جي برڪت سان ٻانهو دنيا ۽ آخرت جون تمام ڀلايون ماڻڻ جي قابل ٿي ويندو آهي.

دے حُسنِ اَخلاق کی دولت | کر دے عطا اِخلاص کی نعمت
مجھ کو خزانہ دے تقویٰ کا | یااللہ! مِری جھولی بھر دے (3)

# جنت ۾ گهر ملي ويو

هڪ نيڪ بُزرگ هيو، اهو تهجد به ڪثرت سان پڙهندو هو ۽ روزا به ڪثرت سان رکندو هو، هڪ ڀيرو ان مسجد ۾ نماز پڙهي، پوءِ دعا گهري ويٺائي هئا

---

1 مسند ابی یعلی، جلد:1، صفحہ:324، حدیث:1001ملتقطًا۔

2 منہاج العابدین، صفحہ:148ملتقطًا۔

3 وسائلِ بخشش، صفحہ:123۔

تہ اک لڳي وئي، ان خواب ۾ ڏٺو تہ ھڪ جماعت ان وٽ آئي، اھي انسان نہ ھئا، سندن ھٿن ۾ وڏا وڏا ٿال ھئا، ھر ٿال ۾ مانيون رکيل ھيون ۽ ھر ماني جي مٿان ڏاڙھونءَ جھڙو ھڪ موتي رکيل ھو، ان جماعت ان کي چيو: کائو! ان چيو: مان تہ روزو رکڻ چاھيان ٿو(يعني سحري ڪري چڪو آھيان، روزو رکڻو آھي، لھٰذا ھاڻي ڪجھ نہ کائيندس). انھن چيو: ھن گھر (يعني مسجد جو مالڪ) فرمائي ٿو: کائو! اھو بزرگ فرمائي ٿو: مون ماني کاڌي. اھو موتي جيڪو ماني جي مٿان رکيل ھو، ان کي کڻڻ لڳس تہ چيو ويو: ان کي ھتي ئي رھڻ ڏيو! اسان ان کي پوکينداسين، ان مان ھڪ وڻ ڦٽندو ۽ ان وڻ تي ھن کان بہ سٺا ۽ بھترين موتي لڳندا. مون پڇيو: ان کي ڪاٿي پوکيندا؟ چيائون: اھڙي جڳھ تي جيڪا ڪڏھن خراب ناھي ٿيندي، اھڙي ملڪ ۾ جيڪو ڪڏھن فنا ناھي ٿيندو(يعني اوھان جي نالي جو ھي وڻ جنت ۾ لڳايو ويندو).

ھن کان بعد ان بُزرگ جي اک کُلي وئي. ان پنھنجي دوستن کي ھي خواب ٻڌايو، ان کان پوءِ 2 ھفتا ئي زندھ رھيو، پوءِ وصال ڪري ويو. جنھن رات سندن وصال ٿيو تہ ھڪ دوست ان کي خواب ۾ ڏٺو، فرمائي رھيو ھو: **اھو وڻ جيڪو ان رات منھنجي لاءِ لڳايو ويو ھو، ھاڻي ميوي وارو ٿي چڪو آھي. دوست پڇيو: ان تي ڪھڙا ميوا لڳل آھن؟ چيائين: نہ پڇو! اھڙا ميوا لڳل آھن جو ان جا اوصاف بيان نٿا ڪري سگھجن.**[1]

## روزو نئين زندگي بخشيندو آھي

پيارا اسلامي ڀائرو! صوفياءِ ڪرام وٽ ماهِ رمضان ۽ روزي جي جيڪا تفصيل بيان ڪئي وئي آھي، ان جي مطابق رمضان کي نشاةِ ثانيہ(يعني نئين زندگي ماڻڻ) جو مھينو قرار ڏنو آھي. شايد اوھان کي ٻڌي ڪري حيراني ٿي تہ صوفياءِ ڪرام جي مطابق انسان بہ ٻيرا پيدا ٿيندو آھي، پھرين ولادت تہ اھا

---

1 لطائف المعارِف،وظائف شہر رَمضَان المعظم،المجلس الاول فی فضل الصیام،صفحہ:219 ملتقطًا.

آهي جيڪا عام مشهور آهي، جڏهن اسان هن دنيا ۾ ايندا آهيون. ٻي ولادت مان مُراد دل جي پاڪيزگي آهي يعني جڏهن ٻانهو پنهنجي دل کي❁ گناهن کان ❁ باطني بيمارين کان ❁حرص ❁ لالچ❁ حوس❁دنيا جي محبت ❁تڪبّر❁خودپسندي وغيره کان پاڪ ڪري ڇڏيندو آهي، ان کي انسان جي نشاةِ ثانيہ(يعني ٻي ولادت) چوندا آهن.[1]

## اوهان جي عمر ڪيتري آهي...؟

هڪ بُزرگ هيو، 60 يا 70 سال ان جي عمر هئي، ڪنهن ان کان پڇيو: اوهان جي عمر ڪيتري آهي؟ فرمائڻ لڳا: 4 سال. پڇڻ واري کي ڏاڍي حيراني ٿي، متو ۽ ڏاڙهي سفيد ٿي چڪي آهي، پوڙهائپ لڪيل آهي ۽ فرمائي رهيا آهن: مان چئن سالن جو آهيان. ان نيڪ ٻانهي چيو: هونئن تہ عمر وڏيڪ آهي، باقي توبہ ڪري الله پاڪ جي طرف رجوع ڪرڻ کي 4 سال ٿي ويا آهن. **چوتہ ان کان پهريان زندگي فضول گذري رهي هئي. لهٰذا مان ان کي زندگي شمارئي نٿو ڪيان.**

ڪيتري نہ پياري ڳالھ آهي، وڏي ماڻهن جون وڏيون ڳالهيون هونديون آهن، خير! چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ توبہ، الله پاڪ جي طرف رجوع، دل کي پاڪ ڪري الله پاڪ جي قرب جي طرف وڌي وڃڻ جي جيڪا گهڙي آهي، ان کي **نشاةِ ثانيہ** چوندا آهن. انسان تي جڏهن اها گهڙي ايندي آهي تہ❁ ان تي رحمت وسندي آهي ❁ڪرم ۽ فضل جا دروازا کُلي ويندا آهن❁ ان جي روحاني ترقي جو وقت شروع ٿي ويندو آهي.❁ڪاميابي ان جا قدم چمڻ لڳندي آهي❁ قربِ الٰهي جي طرف سفر شروع ٿي ويندو آهي ۽ انسان جهنم جي رستي کان نڪري ڪري جنّت جي رستي تي هلڻ لڳندو آهي. الله پاڪ جي نبي حضرت

---

1 تفسير روح البيان،پاره:2،سورۂ بقره،زيرِ آيت:184،جلد:1،صفحہ: 294-

عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام جو فرمان آهي: لَنْ يَلِجَ مَلَكُوْتِ السمٰوٰتِ مَن لَم يُوْلَد مَرَّتَيْن يعني جيڪو انسان 2 ڀيرا پيدا ناهي ٿيندو، اهو آسماني بادشاهت ۾ داخل ناهي ٿيندو.[1]

مطلب ته انسان جي نشاةِ ثانيه(يعني زندگي کي ٻيهر نئين سري سان شروع ڪرڻ) جو جيڪو مرحلو آهي، نهايت اهم هوندو آهي، ان سان زندگي جو رخ بدلجي ويندو آهي، ان گهڙيءَ ۾ انسان جي اندر تبديلي اچڻ شروع ٿيندي آهي ۽ عالم سڳورا فرمائن ٿا: **روزو اها عبادت آهي، جيڪا انسان جي نشاةِ ثانيه (يعني نئين پاڪيزه زندگي شروع ٿيڻ) جو سبب بڻجندو آهي.**[2]

انهيءَ ڪري حديث شريف ۾ فرمايو ويو: اِنَّ لِكُلِّ شَيْءٍ بَابًا، وَاِنَّ بَابَ الْعِبَادَةِ الصِّيَامُ بابُ الْعِبَادَةِ اَلصِّيَامُ بيشڪ هر شيءِ جو دروازو هوندو (آهي) ۽ روزو عبادت جو دروازو آهي.[3]

روزه درماں ہے پیاس اور بھوک کے امراض کا | خیبرِ تَن پروری کو توڑنا ہے بَر مَلا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## روزي جي برڪت سان توبه نصيب ٿي وئي

حضرت شيخ ابو بڪر شبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٽئين صدي هجري جا وڏي رُتبي وارا بزرگ ٿي گذريا آهن، پاڻ پنهنجي زندگي جو هڪ حيرت انگيز ۽ سبق آموز واقعو بيان ڪندي فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو مان قافلي سان گڏ ملڪ شام وڃي رهيو هئس، رستي ۾ ڌاڙيلن جي هڪ ٽولي اسان تي حملو ڪيو ۽ سڄو سامان ڪسي پنهنجي سردار اڳيان گڏ ڪري ان جي جانچ پڙتال ڪرڻ لڳا، هڪ شخص جي سامان مان کنڊ ۽ بادامن جي ٿيلهي نڪتي، سيئي ڌاڙيل ملي

1 تفسير روح البيان،پاره:2،سورهٔ بقره،زيرِ آيت:184،جلد:1،صفحه: 294

2 تفسير روح البيان،پاره:2،سورهٔ بقره،زيرِ آيت:184،جلد:1،صفحه: 294-

3 ڪتاب الزہد لا بن مُبارَڪ،باب فضل ذکر الله، جز:11، صفحه:395،حديث:1423-

ڪري ڪنڌ ۾ بادام ڪائڻ لڳا، پر سندن سردار ان مان ڪجهه به نه ڪاڌو، شيخ ابو بڪر شبلي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون کي ڏاڍي حيراني ٿي ۽ مون ڌاڙيلن جي سردار کان پڇيو: ٻيا سڀ ڪنڌ ۾ بادام ڪائي رهيا آهن پر توهان ڇو نه ٿا ڪائو؟ ان مونکي وڏيڪ حيرت ۾ وجهندي چيو: مونکي روزو آهي. وڏي حيراني جي ڳالهه هئي، هڪ پاسي ٻانهن جا حق پامال ڪيا پيا وڃن، ماڻهن جي پگهر جو پورهيو لٽيو پيو وڃي، غريبن جون آهون، بددُعائون ورتيون پيون وڃن ۽ ٻي پاسي تقويٰ و پرهيز گاري جو مُظاهرو ڪندي روزو به رکيل آهي، شيخ ابوبڪر شبلي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون ان کان پڇيو: توهان ڦُر لٽ به ڪيو ٿا ۽ روزا به رکو ٿا؟ منهنجي ان سُوال تي سردار جواب ڏنو: اللّٰه پاڪ سان صلح جي لاءِ به ته ڪا راهه باقي رکڻ گهرجي.

حضرت شيخ ابوبڪر شبلي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ڪجهه عرصي کان پوءِ مون کي مڪي پاڪ ۾ حاضِري جي سَعَادت نصيب ٿي، مون ڌاڙيلن جي ان سردار کي اتي ڏٺو، سندس چهري تي عبادت جو نور هو ۽ مجاهدات کيس ڪمزور ڪري ڇڏيو هو، ۽ هو اِحرام ٻڌي طوافِ ڪعبه ۾ مَصرُوف هو. ان کي ان حالت ۾ ڏسي مون کي هڪ ڀيرو ٻيهر حيرت ٿي، مون تعجب ڪندي پڇيو: ڇا توهان اهي ئي شخص ناهيو؟ هن جواب ڏنو: جي ها آئون اهو ئي آهيان ۽ ٻڌو! ان روزي ئي اللّٰه پاڪ سان منهنجي صلح ڪرائي ڇڏي آهي. (نہر کی صدائیں، صفحہ:7تا8)

## پنهنجي اندر تبديلي آڻيو

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ **نشاةِ ثانيه**(يعني نئين زندگي ماڻڻ) جو مهينو آهي. هاڻي رمضانُ المبارڪ اچي رهيو آهي، اسان کي به گهرجي ته اسان پنهنجي اندر ڪجهه تبديلي جي ڪوشش ڪيون، پنهنجي پاڻ کي، پنهنجي دل کي، پنهنجي روح کي ٻيهر نئين سري سان سنوارڻ جي ڪوشش ڪيون، مثلاً ✿ پوئين زندگي گناهن ۾ گذري، هاڻي توبه ڪيو ✿ پهريان

نمازون نہ پڙهندا هئا، هاڻي پڙهڻ شروع ڪيو❁ پهريان روزا نہ رکندا هئا، هن سال پورا ماهِ رمضان جا روزا رکو.❁پهريان فلمون ڊراما ڏسڻ جي عادت هئي، هاڻي ان کي ڇڏي ڏيو. ❁ پهريان بدنگاهي ڪندا هئا، هاڻي ان کان باز اچو❁ پهريان غيبت ۽ چغلي وغيره گناهن ۾ پيل هوندا هئا، هاڻي ان کان رڪجي وڃو❁ اڳي وياج جو ڏيڻ وٺڻ ڪندا هئا، هاڻي ڇڏي ڏيو. مطلب تہ پهريان زندگي جيئن گذري رهي هئي، سُو گذري رهي هئي، هاڻي رمضان المبارڪ اچي رهيو آهي، ماهِ رمضان نشاةِ ثانيہ(هڪ نئين زندگي اپنائڻ) جو مهينو آهي، لهٰذا پوئين برائين واري زندگي ڇڏي ڪري نئين چڱي زندگي جي طرف قدم وڌايو!

جيئن نئون سال اچڻ تي مختلف ڪمپنيون پنهنجي پروڊڪٽ جو نئون ماڊل آٽيٺديون آهن، هاڻي جيئن 2024 شروع ٿيو آهي تہ موٽر سائيڪل، ڪار، موبائل وغيره ڪمپنين پنهنجا نوان ماڊل لاؤنچ ڪري ڇڏيا هوندا، اهڙي طرح اسان جو، اسان جي پنهنجي ذات جو بہ تہ ڪو نئون مقصد هجڻ گهرجي، رمضان المبارڪ اچي چڪو، ماڻهن کي خبر پئي تہ ❁ هي ڀانهو پهريان بي نمازي هو، هاڻي نمازي بڻجي ويو آهي ❁ پهريان ڪوڙ ڳالهائيندو هو، هاڻي سچو ۽ ايماندار ٿي ويو آهي ❁ پهريان گهٽين ۾ ويهندو هو، ماڻهن کي تنگ ڪندو هو، هاڻي ٻانهن جي حقوق جو خيال رکڻ لڳو آهي ❁ پهريان گهٽ نيڪيون ڪندو هو، هاڻي زياده ڪرڻ لڳو آهي. مطلب تہ اسان جي اندر ڪا تبديلي اچڻ گهرجي. اسان جي انداز مان اسان جي ڪردار مان، اسان جي طور طريقن مان خبر پئي تہ رمضان المبارڪ اچي چڪو آهي.

## رمضان مهيني کي عام ڏينهن کان مختلف رکو!

صحابي رسول حضرت جابر بن عبدالله رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: لَا تَجْعَلْ يَوْمَ صَوْمِكَ وَ يَوْمَ فِطْرِكَ سَوَاءً يعني توهان جو روزي جو ڏينهن ۽ بغير روزي جو ڏينهن، انهن

ٻنهي کي هڪ جهڙو نہ رکو! [1]
يعني ڪا تبديلي هجڻ گهرجي، رمضان الڳ مهينو آهي، باقي سيني مهينن جو سردار آهي❁ خاص طور تي رمضان المُبارڪ جي لاءِ جنت سجائي ويندي آهي ❁ رمضان جي پهرين رات عرش جي هيٺان تازي هوا هلندي آهي ❁ رمضان ايندي ئي جنت جا دروازا کوليا ويندا آهن، جهنم جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن❁ شيطان کي قيد ڪيو ويندو آهي. يعني هن حد تائين هن مهيني ۾ تبديليون واقع ٿينديون آهن، پوءِ اسان جي ڪردار ۾ تبديلي ڇو ناهي ايندي...؟ اسان جي گفتگو جو انداز ڇونه بدلجي؟ ❁ اسان جي طور طريقن ۾ تبديلي ڇو نٿي اچي؟ رمضان نشاةِ ثانيہ(يعني نئين سري سان سنورڻ جو) مهينو آهي. لهٰذا جڏهن رمضان المُبارڪ اچي تہ اسان جي ڪردار مان، گفتار مان خبر پئي تہ رمضان اچي چڪو آهي.

## رحمت کان محروم رهندڙ بدبخت آهي

حضرت عُبَاده بن صامِت رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ روايت ڪن ٿا: هڪ ڀيري **رمضان المبارڪ جي آمد آمد هئي**، حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان وٽ رمضان اچي ويو * هي برڪتن وارو مهينو آهي * **هن مبارڪ مهيني** ۾ الله پاڪ جون رحمتون توهان کي گهيري وٺنديون آهن * **هن مبارڪ مهيني** ۾ گناهہ ختم ڪيا ويندا آهن * **هن مقدس مهيني** ۾ دعائون قبول ڪيون وينديون آهن * **هن بابرڪت مهيني** ۾ الله پاڪ توهان جو ذوق ۽ شوق ڏسي ٿو ۽ الله پاڪ ملائڪن جي سامهون توهان تي **فخر فرمائي** ٿو * پوءِ هن مقدس مهيني ۾ پنهنجي طرفان ڀلائيون (يعني نيڪيون ۽ سنا ڪم) الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ پيش ڪريو! * **بيشڪ بد بخت آهي اهو شخص جيڪو هن مهيني ۾ بہ رحمتِ اِلٰهي کان محروم رهجي وڃي.** [2]

1 زہد لابن مُبارَک، باب ذم الرياء...الخ، صفحہ:160، حديث:460-

2 مسند الشاميين للطبرانی،جلد:3،صفحہ:271،حديث:2238-

خُدا ایسی عنایت کر، میں کانپوں خوف سے تھر تھر
ہو عصیاں سے حفاظت ماہِ رَمضان آنے والا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ٻ اهم ڳالهيون

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ جا 2 جملا نهايت اهم آهن: (1) ارشاد فرمايو: يَنظُرُ الله اِلٰی تَنَافُسِكُمْ يعني هن مهيني ۾ الله پاڪ توهان جي نيڪين جي طرف رغبت، ذوق ۽ شوق کي ڏسندو آهي. (2) فَاَرُوا اللهَ مِنْ اَنْفُسِكُمْ خَيْرًا سو پنهنجي ذات سان نيڪيون، ڀلايون الله پاڪ کي ڏيکاريو!

يعني هن مبارڪ مهيني ۾ خصوصيت سان اسان جي ذوق ۽ شُوق کي پَرکيو ويندو آهي، ڏٺو ويندو آهي ته ❁ ماهِ رمضان ته عطا ڪري ڇڏيو، هاڻي ڪير آهي جيڪو هن ۾ سڄري وجي ٿو❁ ماهِ رمضان ته عطا ڪري ڇڏيو، ڪير آهي جيڪو تمام گهڻي تلاوت ڪري ٿو. ❁ ماهِ رمضان ته عطا ڪري ڇڏيو، هاڻي ڪير آهي جيڪو گناهن کان بچي ٿو. ❁ ماهِ رمضان ته عطا ڪري ڇڏيو، هاڻي ڪير آهي جيڪو وڌيڪ نيڪيون ڪري ٿو. مطلب ته اسان جو هي شوق ڏٺو ويندو آهي، هن کي پرکيو ويندو آهي ۽ اسان کي ماهِ رمضان ۾ هي شوق ڏسڻو آهي. ڪهڙي خبر! هي ئي شوق، هي ئي ذوق، رمضان المبارڪ ۾ اسان جو سڄري وڃڻ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ قبول ٿي وڃي ۽ اسان جي بخشش جو ذريعو بڻجي وڃي.

## رمضان ۾ سڌرڻ وارو بخشجي ويو

پيارا اسلامي ڀائرو! منقول آهي: محمد نالي هڪ شخص سڄو سال نماز نه پڙهندو هو. جڏهن رمضان جو بابرڪت مهينو ايندو هو ته هُو پاڪ صاف ڪپڙا

پهري پنج ئي وقت پابندي سان نماز پڙهندو هو ۽ پويون قضا نمازون به ادا ڪندو هو. ماڻهن ان کان پڇيو: ته ايئن ڇو ڪندو آهين؟ ان جواب ڏنو: هي مهينو رحمت، برڪت، توبه ۽ مغفرت جو آهي، شايد الله پاڪ مون کي انهي عمل جي سبب بخشي ڇڏي. جڏهن ان جو وصال ٿيو ته ڪنهن ان کي خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: مَا فَعَلَ اللهُ بِكَ؟ يعني الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو ڪيو؟ ان جواب ڏنو: منهنجي الله پاڪ مون کي رمضان شريف جو احترام ڪرڻ جي ڪري بخشي ڇڏيو.[1]

سُبْحٰنَ الله! هي الله پاڪ جي ڪرم نوازي آهي، اهو ربّ قهار عدل فرمائي ته ڪنهن هڪ ئي گناهه تي پڪڙ ٿي وڃي ۽ جيڪڏهن فضل فرمائي ته صرف هڪ نيڪي جي صدقي وڏا وڏا گناهه بخشيا وڃن.

عدل کریں تا تھر تھر کنبن اُچیاں شاناں والے
فَضل کَریں تا بخشے جاوَن مَیں جَیھے مُنہ کالے

## هڪ مهينو الله پاڪ جي لاءِ.....!!

بهرحال! پيارا اسلامي ڀائرو! ماهِ رمضان سڌرڻ جو مهينو آهي. هن ۾ سڌرڻ جو پڪو عزم ڪيو! حديث پاڪ ۾ آهي: سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ توهان جي لاءِ 11 مهينا رکيا آهن، انهن ۾ کائو، پيو، لذت حاصل ڪيو! **پر هڪ مهينو پنهنجي لاءِ خاص فرمايو آهي** فَاتَّقُوْا شَهْرَ رَمَضَان فَاِنَّهٗ شَهْرُ الله يعني ماهِ رمضان کان ڊڄو! بيشڪ هي الله پاڪ جو مهينو آهي.[2]

---

1 دُرَّةُ النَّاصِحِين، صفحه:8-

2 شُعَبُ الْايمان، باب فی الصيام، فصل فی فضائل شہر رَمضَان، جلد:3، صفحه:312، حديث: 3632-

آگیا رَمضاں عبادت پر کمر اب باندھ لو
فیض لے لو جلد یہ دن تیس کا مہماں ہے
بھائیو بہنو! کرو سب نیکیوں پر نیکیاں
پڑ گئے دوزخ پہ تالے قید میں شیطان ہے (1)

## گناهن کان پاڪ رمضان

پيارا اسلامي ڀائرو! ماهِ رمضان اچي رهيو آهي، سڄڻ جو مهينو اچي رهيو آهي، ماهِ رمضان کي هڪ بنيادي مقصد تقويٰ حاصل آهي. لهٰذا پورو رمضان جو مهينو تقويٰ و پرهيزگاري سان يعني گناهن کان بچي ڪري گذارڻ جي نيّت ڪيو! هي پڪو ارادو ڪيو ته سڄو رمضان جو مهينو(چاهي 29 ڏينهن هجن يا 30 ڏينهن هجن) مان هڪ به گناهه نه ڪندس. حضور مُجدّد الف ثاني رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: جهڙو رمضان گذرندو آهي، سڄو سال ايئن ئي گذرندو آهي، جنهن کي ماهِ رمضان ۾ استقامت ملي وڃي، ان کي سڄو سال استقامت ملندي رهندي آهي.[2]

سُبْحٰنَ الله! اسان رڳو هي هڪ مهينو گناهن کان بچي ڪري گذاريون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! زندگي سنورجي ويندي.

## گناهن جون ڪجھ مثالون

لهٰذا هن سال ماهِ رمضان ۾ پنهنجو هي هدف ٺاهيو ته هن سال پوري ماهِ رمضان ۾ مان گناهه نه ڪندس ❁ نماز ڇڏڻ گناهه آهي، هڪ به نماز ناهي ڇڏڻي❁ جماعت ترڪ ڪرڻ گناهه آهي، لهٰذا هڪ به جماعت ترڪ ناهي ڪرڻي❁ تراويح ڇڏڻ جي عادت ٺاهڻ گناهه آهي، لهٰذا سڄو مهينو 20 جون 20

1 وسائلِ بخشش، صفحہ:705، 706ملتقطاً۔

2 مکتوباتِ امام ربانی، دفترِاوّل، مکتوب:4، جلد:1، صفحہ:42۔

تراويح پڙهڻيون آهن ❁ روزو ڇڏڻ گناه آهي، لهٰذا صرف جمعرات ۽ جمعو نہ بلڪ سيئي روزا رکڻا آهن❁ ڪوڙ ڳالهائڻ گناه آهي، لهٰذا سڄو رمضان هڪ بہ ڪوڙ ناهي ڳالهائڻو ❁ غيبت ڪرڻ گناه آهي، سڄو ماهِ رمضان هڪ پيرو بہ غيبت ناهي ڪرڻي. ❁ چغلي ڪرڻ گناه آهي، سڄو رمضان چغلي کان بچڻو آهي❁ بدنگاهي گناه آهي، سڄو رمضان بدنگاهي کان بچڻو آهي، فيسبڪ هلائڻ ۾ احتياط ڪرڻو آهي، يوٽوب کولڻ ۾ احتياط ڪرڻو آهي، سوشل ميڊيا ڇڻ گناهن جو گهر آهي، ان جي استعمال ۾ احتياط ڪرڻو آهي، ❁ مطلب تہ سڄي جسم کي گناهن کان بچائيندي رمضان المبارڪ گذارڻو آهي.

## رمضان مهيني ۾ گناهن جو وبال

پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو رمضان ۾ گناه جو ڪم ڪندو آهي، الله پاڪ ان جي سڄي سال جا اعمال ضايع فرمائي ڇڏيندو آهي، بيشڪ رمضان الله پاڪ جو مهينو آهي، لهٰذا ان ۾ گناه ڪرڻ کان بچندا رهو![1] هڪ حديث شريف ۾ ارشاد ٿيو: رمضان المبارڪ جي بي حرمتي کان بچو! **بيشڪ هن ۾ نيڪي جي اهميت وڌائي ويندي آهي، ايئن ئي گناه (جو وبال) بہ (وڌايو ويندو آهي).**[2]

## گناهن کان بچڻ جا فائدا

پيارا اسلامي ڀائرو! گناهن کان بچڻ نهايت ضروري بہ آهي ۽ نهايت ئي اعليٰ ڪم بہ آهي. عالم سڳورا فرمائن ٿا: **نيڪي ڪرڻ جي نسبت گناه کان بچڻ گهڻو ضروري آهي.**[3]

---

1 معجم اوسط، جلد:2، صفحہ:414، حديث:3688

2 معجم اوسط، جلد:3، صفحہ:354، حديث:4827-

3 تنبيہ الغافلين، باب ماجاء فی الذنوب، صفحہ:211-

قرآن و حديث ۾ گناهن کان بچڻ جا ڪوڙ سارا ديني ۽ دنياوي فائدا بيان ٿيا آهن، مثلاً جيڪو ٻانهو گناهن کان بچي وڃي، ان کي دل جو سڪون عطا ڪيو ويندو آهي، جيڪو ٻانهو گناهن کان بچي ويندو آهي، الله پاڪ ان جي غيب کان مدد فرمائيندو آهي. جيڪو گناهن کان بچي ويندو آهي، ان جي رزق ۾ برڪت ڏني ويندي آهي، جيڪو گناهن کان بچي وڃي، ان کي پريشانين کان نجات ڏني ويندي آهي، جيڪو ٻانهو گناهن کان بچي ويندو آهي، ان کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڀلايون عطا ڪيون ويندون آهن، جيڪو ٻانهو گناهن کان بچي ويندو آهي، ان کي حڪمت و دانائي عطا ڪئي ويندي آهي، جيڪو گناهن کان بچي ويندو آهي، ان کي هر ميدان ۾ ڪاميابي عطا ڪئي ويندي آهي. جيڪو گناهن کان بچي وڃي، ان جي زبان ۾ تاثير رکي ويندي آهي. جيڪو گناهن کان بچي وڃي، ان کي مخلوق ۾ عزت ڏني ويندي آهي، جيڪو ٻانهو گناهن کان بچي ويندو آهي، ان جو خاتمو چڱو ٿيندو آهي، جيڪو ٻانهو گناهن کان بچي وڃي، ان جي لاءِ باطن جا دروازا کوليا ويندا آهن. جيڪو ٻانهو گناهن کان بچندو آهي، ان جون دعائون قبول ڪيون وينديون آهن. جيڪو گناهه کان بچي ويندو آهي، ان کي عبادت ۾ لذت عطا ڪئي ويندي آهي، جيڪو گناهن کان بچي ويندو آهي، ان کي جهنم جي باهه کان نجات ڏني ويندي آهي. جيڪو گناهن کان بچي ويندو آهي، قيامت جي ڏينهن ان کي سڄي هٿ ۾ اعمالنامو ڏنو ويندو آهي، جيڪو گناهن کان بچي ويندو آهي، قيامت جي ڏينهن ان جو حساب آساني سان ورتو ويندو، جيڪو ٻانهو گناهن کان بچي ويندو آهي، ان کي جنت جا عاليشان محل عطا ڪيا ويندا آهن. جيڪو ٻانهو گناهن کان بچي ويندو آهي، ان کي قيامت جي ڏينهن عرش جو سايو نصيب ٿيندو. جيڪو ٻانهو گناهن کان بچي ويندو آهي، ان کي ايمان جي مناڻ عطا ڪئي ويندي آهي. جيڪو ٻانهو گناهن کان بچندو آهي، ان جي چهري تي نيڪي جو نور رکيو ويندو آهي، جيڪو گناهن کان بچندو آهي، ان تي رحمت وسندي آهي، جيڪو گناهه کان بچي ويندو آهي، ان کي اجرِ عظيم ڏنو ويندو آهي. جيڪو ٻانهو گناهن کان بچي ويندو

آهي، ان جي لاءِ 2 جنتن جون خوشخبريون آهن. جيڪو پانهنجي گناهن کان بچي وڃي، ان کي رسول ذيشان، محبوبِ رحمٰن صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو دوست بڻائي وٺندا آهن. ۽ سيني کان وڏيڪ هي جو جيڪو پانهنجي گناهن کان بچي ويندو آهي، ان کي الله پاڪ پنهنجي قرب جي لذّت، پنهنجي رضا ۽ محبت جي لازوال دولت عطا فرمائي ڇڏيندو آهي.

## شرابي نوجوان گهڙي کن ۾ سڌري ويو

علامہ ابن جَوزي رَحۡمَۃُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا: هڪ عبادت گذار، نيڪ بُزرگ هو، اهو 40 سالن تائين(براِعظم آفريڪا جي هڪ ملڪ) سوڊان جي هڪ غار ۾ رهي ڪري عبادت ڪندو رهيو. اهو فرمائي ٿو: هڪ ڀيرو مان غار جي اندر عبادت ۾ مصروف هيس، ايتري ۾ هڪ شخص آيو، ان وٽ ڪاٺو ۽ شراب هو، (شايد ان مون کي نہ ڏٺو) ۽ هڪ ڪنڊ ۾ ويهي ماني کائڻ لڳو، کائڻ کان بعد جڏهن ان شراب جو ٿانءُ ڪنيو تہ مون وڏي آواز سان قرآن ڪريم جي هي آيت تلاوت ڪئي.

اَلَمۡ یَاۡنِ لِلَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَنۡ تَخۡشَعَ قُلُوۡبُهُمۡ لِذِکۡرِ اللّٰهِ (پاره27،سورةالحديد:16)

ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا ايمان وارن جي لاءِ اهو وقت نہ آيو تہ انهن جون دليون الله جي ياد لاءِ جهڪي وڃن.

ان نوجوان هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو، ڪو نظر نہ آيو، جيئن تہ اُن پڌي اڻ پڌي ڪري ڇڏي ۽ شراب پيئڻ ۾ لڳي ويو، جيئن ان ٿانءُ ڪنيو تہ مون وري اها ئي آيت تلاوت ڪئي.

اَلَمۡ یَاۡنِ لِلَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَنۡ تَخۡشَعَ قُلُوۡبُهُمۡ لِذِکۡرِ اللّٰهِ (پاره27،سورةالحديد:16)

ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا ايمان وارن جي لاءِ اهو وقت نہ آيو تہ انهن جون دليون الله جي ياد لاءِ جهڪي وڃن.

هن ڀيري تہ قرآن ڪريم جا هي الفاظ ان جي دل تي تاثير جو تير بڻجي لڳا، ان جي هٿ مان شراب ڪري پيو، ان پڪاري چيو: بَلٰی وَ اللّٰهِ قَدۡ آن چونہ، خدا جي

قسم! اهو وقت اچي ويو آهي (تہ منهنجي دل ربّ جي ياد ۾ جهڪي وڃي). هي چئي ڪري اهو غار مان ٻاهر نڪتو، مان بہ ان جي پويان پويان آيس، ڏٺم تہ هُو روئندو پئي ويو ۽ وڏي آواز سان چئي رهيو هو: بَلٰى وَ اللهِ قَدْ آن چونہ، خدا جي قسم! اهو(يعني توبہ جو) وقت اچي ويو آهي. بُزرگ فرمائي ٿو: مان بہ ان جي پنيان پنيان هلڻ لڳس. ٿورو اڳتي هليا تہ هڪ وڏو تالاب (تلاھ) هو، خوف خدا جي غلبي ۾ ان نوجوان جيئن ئي تلاھ ۾ قدم رکيو(پر خدا جي قدرت جو) اهو پاڻي جي مٿان هلندي، آرام سان گذري ويو.[1]

بوقتِ نزع سلامت رہے مرا ایماں | مجھے نصیب ہو توبہ ہے التجا یاربّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## گناھ ڪرڻ جا نقصان

پيارا اسلامي ڀائرو! هي تہ گناهن کان بچڻ جا انعام هئا. هاڻي جيڪو ٻانهو گناھ ڪندو آهي، ان کي ڪهڙا ڪهڙا نقصانَ ٿي سگهن ٿا، اهو بہ ٻڌي ونو! علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: ❁ گناھ جي سبب رزق ۾ گهٽتائي ايندي آهي. ❁دل ۽ بدن ڪمزور ٿيندا آهن. ❁عمر گهٽجي ويندي آهي. ❁ برڪت ڪڇي ويندي آهي. ❁ گناھ جي سبب قُوّتِ ارادي ڪمزور ٿيندي آهي. ❁ گناھ ذلت جو سبب آهي. ❁ گناھ هلاڪت جي طرف وني ويندو آهي ❁ گناهن جي سبب عقل کي نقصان ٿيندو آهي، ❁ ان جي عقل ۾ گهٽتائي ٿيندي آهي. ❁ گناهن جي سبب زمين ۾ فساد برپا ٿيندو آهي. ❁ حيا متجندي ۽ بي حيائي وڌندي آهي ❁ گناھ جي سبب نعمت ويندي ۽ زحمت ايندي آهي.[2]

---

1 روح الارواح، الفصل الثانی عشر، صفحہ:79بتغیر قلیل۔

2 جنتی زیور، صفحہ:143 بتغیر۔

❁ مسلمانن جي ٻئي خليفي، امير المومنين حضرت عمرفاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: گناھ جيتوڻيڪ ھڪ ئي ھجي پر پاڻ سان گڏ 10 برائيون کڻي ايندو آھي: (1) گناھ ڪرڻ وارو اللّٰہ پاڪ کي غضب ڏياريندو آھي. (2) گناھ ڪرڻ وارو ابليس (يعني شيطان) کي خوش ڪندو آھي. (3) گناھ ڪرڻ وارو جنّت کان پري ٿئي ٿو (4) جھنم جي قريب ٿي ويندو آھي. (5) گناھ ڪرڻ وارو پنھنجو پاڻ تي ظلم ڪندو آھي (6) گناھ ڪرڻ وارو پنھنجي باطن کي ناپاڪ ڪري ڇڏيندو آھي (7) گناھ ڪرڻ وارو اعمال لکڻ وارن ملائڪن کي تڪليف ڏيندو آھي (8) گناھ ڪرڻ وارو پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي غمگين ڪندو آھي (9) گناھ ڪرڻ وارو زمين ۽ آسمان کي پنھنجي خلاف گواھ بڻائيندو آھي. (10) گناھ ڪرڻ وارو انسانن کان خيانت ۽ ربُّ العالمين جي نافرماني ڪندو آھي.[1]

## سچي پڪي توبہ ڪيو!

اي عاشقانِ رسول! رمضان اچي رھيو آھي، تقويٰ ڏيارڻ وارو مھينو اچي رھيو آھي، پاڻ کي سڌارڻ وارو مھينو اچي رھيو آھي، ھمت ڪيو! پوئين گناھن کان توبہ ڪري، پاڪ صاف ٿي ڪري ھن پاڪ مھيني جو استقبال ڪيو! اللّٰہ پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَّاَنِ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْۤا اِلَیْهِ یُمَتِّعْكُمْ مَّتَاعًا حَسَنًا اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى وَّ یُؤْتِ كُلَّ ذِیْ فَضْلٍ فَضْلَهٗ ؕ وَ اِنْ تَوَلَّوْا فَاِنِّیْۤ اَخَافُ عَلَیْكُمْ عَذَابَ یَوْمٍ كَبِیْرٍ﴿۳﴾ (پارہ:11،سورۃ ھُوْد:3)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ھي تہ پنھنجي رب کان معافي گھرو پوءِ ان جي طرف توبھ ڪيو تہ اھو توھان کي ھڪ مقرر مدت تائين تمام سٺو فائدو ڏيندو ۽ ھر فضيلت واري کي پنھنجو فضل عطا ڪندو ۽ جيڪڏھن توھان منھن ڦيريو تہ مان توھان تي وڏي ڏينھن جي عذاب جو خوف ڪيان ٿو.

---

1 بحر الدموع، الفصل الثانی، صفحہ:42-

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: هن آيت ۾ فرمايو ويو ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ماڻهن کي حڪم ڏين ته اي انسانو! پنهنجي گذريل گناهن جي معافي گهرو ۽ آينده گناهه ڪرڻ کان توبه ڪيو! جنهن پنهنجي گناهن کان پڪي توبه ڪئي ۽ اخلاص سان پنهنجي ربّ جو عبادت گذار ٻانهو بڻجي ويو ته الله پاڪ ان کي ڪثير رزق ۽ آسائش عطا فرمائيندو ۽ اهو اَمن ۽ راحت واري زندگي گذاريندو، ان کان الله پاڪ راضي ٿيندو. ۽ جيڪو توبه نه ڪري، ڪفر ۽ گناهن تي قائم رهي ته اهو خوف واري زندگي گذاريندو، بيمارين ۾ مبتلاهه رهندو ۽ ان کي الله پاڪ جي ناراضي جو سامنو به ڪرڻو پوندو، جيتوڻيڪ دنيا ۾ ان کي لذتون ملي به وڃن، تڏهن به ان عيش ۾ ڪا ڀلائي ناهي جنهن کان بعد جهنم هجي.[1]

بڑی کوششیں کیں گناہ چھوڑنے کی | رہے آہ! ناکام ہم یااِلٰہی!
جو ناراض تُو ہو گیا تو کہیں کا | رہوں گا نہ تیری قسم یااِلٰہی!
مجھے سچی توبہ کی توفیق دیدے | پئے تاجدارِ حرم یااِلٰہی! (2)

## غوث پاڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي هڪ نصيحت

پيارا اسلامي ڀائرو! ڀرين رمضان المبارڪ تي حضورغوث پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي ولادت جو ڏينهن به آهي.

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي اسان جي حضور غوث پاڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو....!! پاڻ گناهن کان بچڻ وارا، ڪثرت سان نيڪيون ڪرڻ وارا، الله پاڪ جا پيارا ۽ پسنديده ٻانها هئا. پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ڀرين رمضان المبارڪ تي پيدا ٿيا ۽ ماشآءَالله پيدا ٿيندي ئي سڀڏن روزو رکي ورتو. اچو! بيان جي آخر ۾ حضور غوث پاڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي هڪ نصيحت ٻڌون ٿا:

---

1 تفسير صراط الجنان، پاره:11، سورۀ هُوْد، زيرِ آيت:3، جلد:4، صفحه:393۔
2 وسائلِ بخشش، صفحه:110۔

حضور غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: اللّٰہ پاڪ جي نافرماني ڪان بچڻ جي خوب ڪوشش ڪيو! ان جي دروازي ڪي مضبوطي سان پڪڙيو...!! (بلاشبہ) 5 عبادتون(يعني ايمان، نماز، روزو، حج، زڪواة) بجاآڻڻ ۽ گناه ڇڏي ڏيڻ سيني ڪان عظيم، سيني ڪمن ڪان وڌيڪ عزت وارو ۽ اللّٰہ پاڪ وٽ گهڻو پسنديده ڪم آهي.[1]

اللّٰہ پاڪ اسان کي گناهن کان بچڻ جي توفيق نصيب فرمائي. ڪاش! ماهِ رمضان جي صدقي اسان پڪا نيڪ بڻجي وڃون. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار مدني مذاڪرو

پيارا اسلامي ڀائرو! امير اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه هن دور جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت بلڪ وليءِ ڪامل آهن، امير اهلسنت هر ڇنڇر تي عشاء جي نماز کان پوءِ مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، يعني سڄي دنيا مان عاشقانِ رسول تفسير، حديث، شريعت، طريقت وغيره مختلف موضُعن تي سوال ڪندا آهن، امير اهلسُنت انهن جا جواب عنايت فرمائيندا آهن. هي مدني مذاڪرو عام طور تي هر ڇنڇر جي ڏينهن عشاء جي نماز ڪان بعد ۽ خاص رمضان جي مهيني ۾ روزانو نمازِ عصر ۽ تراويح جي نماز ڪان بعد مدني چينل تي لائيو ڏيکاريو ويندو آهي. مدني مذاڪرو اصلاحِ عقائد و اعمال جو بهترين ذريعو آهي: ❁ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ! هاڻي تائين سيڪڙو ڪافر مدني مذاڪرو ڏسي ڪري ڪلمو شريف پڙهي چڪا آهن ❁ لکين بي نمازي، ❁نمازي بڻجي چڪا آهن، ❁هزارين دلين جي اصلاح ٿي آهي.

اوهان بہ مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪيو! اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِيۡم! ❁ علم دين حاصل

1 فتوح الغيب، المقالة الرابعة و العشرون...الخ، صفحہ:44 ملتقطاً۔

ٽيندو❁ محبتِ الٰهي ملندي❁ عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو❁ گناهن کان نفرت نصيب ٿيندي❁ نيڪي جو جذبو ملندو ۽ ❁ اخلاق و ڪردار ۾ به بهتري ايندي. تمام اسلامي ڀائر هر هفتي عشاء جي نماز کان پوءِ پابندي سان مدني مذاڪرو ڏسڻ جي نيّت ڪيو.

## علم ۽ حڪمت ڀريو مدني مذاڪرو

پنجاب پاڪستان واه ڪينٽ (ضلعو راولپنڊي) جي هڪ نوجوان جو بيان آهي : نمازون قضا ڪرڻ، فلمون ڏسي شيطان کي خوش ڪرڻ ۽ ڳائڻ وڄائڻ وغيره ٻُڌي مست رهڻ منهنجو روزانو جو ڪم هو، افسوس! مان سُنتن تي عمل ڪرڻ کان محروم هئس، منهنجي گُناهن ڀري زِندگي ۾ روشني هيئن آئي جو هڪ ڏينهن هڪ مبلغِ دعوتِ اسلامي سان منهنجي ملاقات ٿي، ان مون کي سمجهائيندي اجتماعي سُنَّت اعتڪاف جو ذهن ڏنو، ان جي مٺي انداز ۾ ڏنل نيڪي جي دعوت منهنجي دِل کي وٺي وئي ۽ مان اجتماعي اعتڪاف ۾ شريڪ ٿيس، هاڻ منهنجا رات ڏينهن عبادت ۾ گذرڻ لڳا، پُرسوز بيانن ۽ رِقَّت انگيز دُعائن منهنجي دِل واري دنيا ئي بدلي ڇڏي، وڌيڪ ڪرم اهو ٿيو جو اجتماعي اعتڪاف ۾ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو مدني مذاڪرو ٻڌڻ جي سعادت ملي، سندن اثرائتي گفتگو سان مان ايتري قدر متاثر ٿيس جو مون هڪدم پنهنجي اڳوڻن سمورن گناهن کان توبه ڪئي ۽ نمازن جي پابندي جو پڪو ارادو ڪيو، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي ترغيب ڏيارڻ تي چند رات جو گهر وڃڻ بدران راهِ خُدا جو مسافر بڻجي ويس جتي عِلمِ دين جي سنهري موتين سان دامن ڀرڻ جو موقعو مليو ۽ سنتون سکڻ سان گڏوگڏ ان تي عمل ڪرڻ جو جذبو به دِل ۾ پيدا ٿي ويو.

مدنی مذاکرہ ہے شریعت کا خزینہ | اَخلاق کا، تہذیب کا، طریقت کا خزینہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ”درود و سلام“ موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلحَمدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي اسمارٽ فون جي ذريعي بہ علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن حوالي سان دعوتِ اسلامي جي ***I.T*** ڊيپارٽمنٽ جي طرفان هڪ ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي: جنهن جو نالو آهي: درود و سلام (***Durood-o-Salam***)

❁ هن درود و سلام ايپلي ڪيشن ۾ درود شريف موجود آهن جن کي اوهان ڪنهن بہ وقت پڙهي سگهو ٿا يا انهن کي پنهنجي موبائل آن لاڪ ٿيون جي طور تي سيٽ ڪري سگهو ٿا جنهن جي ڪري اوهان جيئن پنهنجي فون کي آن ڪندا خودبخود درود پاڪ هلڻ لڳندو. ❁ هي سهولت بہ ڏني وئي آهي تہ اوهان موبائل کي آن لاڪ ڪندا تہ اهو درود شريف اوهان جي موبائل جي اسڪرين تي نظر ايندو ان جي برڪت هي ٿيندي جو اوهان پهريان درود شريف پڙهندا پوءِ موبائل استعمال ڪندا. وڌيڪ هي تہ اسڪرين تي نظر اچڻ واري درود پاڪ جو فونٽ بہ پنهنجي مرضي سان سيٽ ڪري سگهو ٿا ❁ موبائل کلڻ تي جيترا ڀيرا درود شريف پڙهيو ويندو ان جي تعداد خود بخود ان تي درج ٿيندي رهندي ❁ اوهان پنهنجي مرضي سان درود پاڪ جي آواز کي ايڊجسٽ ڪري سگهو ٿا. ❁ هن جي ڪري اهم فائدو اهو ٿيندو تہ اسان کي روزانو پنهنجي درود پاڪ واري نيڪ عمل کي مڪمل ڪرڻ ۾ مدد ملندي. اچ ئي هن منفرد ايپليڪيشن کي پنهنجي موبائل فون ۾ ڊائون لوڊ ڪيو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاھ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڏاڙهي رکڻ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: مُڇيون ڪترايو ڏاڙهيون وڌايو مجوسين جي مخالفت ڪيو! (مسلم، ڪتابُ الطهارت، باب:خِصَالُ الْفِطْرة، صفحہ:153، حديث:257۔)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏاڙهي رکڻ سُنَّتِ مصطفيٰ بلڪ سُنّتِ انبياء آهي ❁ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏاڙهي مبارڪ هميشہ هڪ مُٺي جي مقدار رهندي هئي ❁ جيڪڏهن هڪ مُٺي جي مقدار کان وڌي ويندي هئي تہ گهٽ ڪرائيندا هئا ❁ رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏاڙهي مبارڪ ويڪر ۾ اهڙي هئي جو سيني مُبَارڪ کي ڀري ڇڏيندي هئي.(انوارِ جمالِ مصطفےٰ، صفحہ:157 خلاصۃً)

❁ اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏاڙهي ڪترائڻ ۽ مڇيون وڌائڻ کي سخت ناپسند ڪندا هئا ❁ بهارِ شريعت ۾ آهي: ڏاڙهي ڪترائڻ يا هڪ مُٺي کان گهٽ ڪرڻ حرام آهي.(بہارِ شریعت، حصہ:16، جلد:2، صفحہ:586۔)

---

1 مشکوٰة الصابيح،کتاب الايمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جو کتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر به آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد